# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1976

# سنڌ ماهيگيري( ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر xxx مجريه 1961 جي دفعه 4 ۾ ترميم
Amendment of section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961
3. ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر xxx مجريه 1961 جي دفعه 26 ۾ ترميم
Amendment of section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961
4. ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر xxx مجريه 1961 جي پهرين شيڊول ۾ ترميم
Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1976

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1976

# سنڌ ماهيگيري( ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

[26 آڪٽوبر، 1976 ]

سنڌ فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم لاءِ آرڊيننس.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن طريقي سان هن ڪانپوءِ ظاهر ٿيندو؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فشريز (ترميم) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو.<br>(2) هيءُ هڪدم لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and commencement |
| 2. سنڌ ماهيگيري حڪم نامو مجريه 1961، (جنهن کي هن کانپوءِ سنڌ آرڊيننس چيو ويندو ان جي دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) ۾ آيل لفظن "دي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" کي"گورنمينٽ يا ڪو به حڪومت بدران اختيار ڏنل عملدار" جي لفظن کي متبادل بڻايو ويندو. | ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر xxx مجريه 1961 جي دفعه 4 ۾ ترميم<br>Amendment of section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961 |
| 3. انهيءَ آرڊيننس جي دفعه 26 جي ذيلي دفعه (2) جي شق نمبر (d) ۾ هن کي متبادل بڻايو ويندو:<br>"(d) اهي شرط جن تي مڇي مارڻ جو مقاطعو ڏنو ويندو؛" | ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر xxx مجريه 1961 جي دفعه 26 ۾ ترميم<br>Amendment of section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961 |
| 4. تبديلي هيٺ آيل آرڊيننس جي پهرين شيڊول جي | ويسٽ پاڪستان |

| | |
|---|---|
| آرڊيننس نمبر xxx مجريہ 1961 جي پهرين شيڊول ۾ ترميم<br>Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961 | ڪالم 4 ۾ سيريل نمبر3، 4 ۽ 5 جي مقابلي ۾ ”آگسٽ “ جي لفظن کي ”جولائي“ سان بدلايو ويندو. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**